آءٌ پرهہ خالد ۽ جاويد دوست آهيون. اَسان
گَڏجي پَڙهنداہ راند ڪيڏندا ۽ هِڪٻئي جو
خَيال رَکندا آهيون.



ھِڪ پيري حَرڪتي ٻارَ ڪلاس ۾ نئين ٻار منصور کي تَنگ ڪَري رَهيا هُئا. مُون انهن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو.



مُون پُڇيو ”آءٌ اسد آهيان دوست تُون ڇُپ ڇو آهين؟“ هن ٻُڌايو ”مُنهنجو ڪوبہ دوست نہ آهي ان ڪري ڇُپ آهيان.“



مَنصور دوستن سان مِلِي خوش ٿيو. پره پُڇيو ”فُٽ بال ڪيڏون؟“ جاويد، مَنصور ڪان پُڇيو ”توکي ڪهڙي راند وڻندي آهي.“



مَنصور وراڻيو مُون کي ڪرڪيٽ پَسند
آهي. سَيني گڏجي چيو ”چو نہ اَڄ اسان
مَنصور جي پَسند جي راند ڪيڏون.“



اَسان سَينِي ڪرڪيٽ کيڏِي. مَنصور کي مزو آيو. مَنصور کي هاڻي نوان دوست ملِي ويا ۽ اَسان جِي دوستِي ٿِي ويئي.



موڪَل ٿي تہ مُون ڪيس چيو ”اڄ تہ گڏجي هلون.“ پرھ، خالد، جاويد بہ ساڻ ٿِيا. اَسان سَڀ گھرن ڏانهن روانا ٿياسين.



**اهم سوال** نوَن دوستن سان ڪيئن ورتاءُ ڪرڻ گهرجي ؟

## پڙهڻ جون صلاحيتون ۽ حڪمت عمليون

آواز: /آ/، /او/، /اِي/ ۽ /اي/، جي آوازن جي سُڃاڻپ.

لفظن جو ذخيرو: دوست، حَرڪتي، هڪبئي، تَنگ، چُپ، مَيدان، ڪرڪيٽ، پَسند، دوستِي، روانا.

زبان شناسِي: صِفت.

## ليولڊ ريڊرز

ليولڊ ريڊرز جو بنيادي مقصد شاگردن کي پڙهڻ ۾ خودمختيار ڪرڻ آهي. شاگردن جي 'پڙهڻ' جي صلاحيتن کي سامهون رکندي هر ڪهاڻيءَ جا ٽي سيٽ لکيا ويا آهن جن کي 'ليولڊ ريڊرز' چيو وڃي ٿو. هي ليولڊ ريڊرز شاگردن جي ٽن سطحن (بهتر درجي جا پڙهندڙ، وچولي درجي جا پڙهندڙ ۽ شروعاتي درجي جا پڙهندڙ) تي مشتمل آهن. 24 هفتن لاءِ 8 ليولڊ ريڊرز لکيا ويا آهن جڏهن ته هر ليولڊ ريڊر لاءِ 3 هفتا مخصوص ڪيا ويا آهن. سڀني ليولڊ ريڊرز جي پوئين صفحي تي شاگردن جي لاءِ پڙهڻ جي لاڳاپيل مهارتن جون سرگرميون ڏنل آهن. ليولڊ ريڊرز جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور: مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطِيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي به استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي ته ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# استادن لاءِ هدايتون

## شروعاتي 3 صفحن کان پوءِ جا سوال

1. ڪهاڻيءَ ۾ دوستن جا نالا ٻڌايو.
2. ٻار ڪنهن کي تنگ ڪري رهيا هئا؟
3. مَنصور ڇو چُپ هو؟

## اڌ ڪهاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

1. اَسد ۽ مَنصور راند جي مَيدان ڏانهن ڇو ڊوڙيا؟
2. سَپني دوستن مَنصور جي پسند جي راند ڇو ڪيڏي؟

## ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ جا سوال

1. توهان ڪنهن سان گڏجي اسڪول کان گهر ويندا آهيو؟
2. ڪهاڻيءَ جون تصويرون ڏسي ڪن بہ ٽن رنگن جا نالا ٻُڌايو.

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۾ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.